شيخ طريقت امير اهل سُنت باني دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتہم العاليہ جي ملفوظات جو تحريري
گلدستو

# امير اهل سنت کان
# خوشبوءِ
# جي باري ۾ سوال جواب

سنڌي



- پياري آقا جون پسنديده خوشبون
- مغرب کان بعد عطر لڳائڻ ڪيئن؟
- عطر لڳايو پر تڪليف نہ ڏيو
- اوهان ڪي عطار چو چيو ويندو آهي؟

پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوتِ اسلامی)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامی)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله پاڪ ! اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص ۴۰ دار الفکر بيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **امير اهل سنت کان خوشبوء جي باري ۾ سوال جواب**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريدڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني ءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

**مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

جو رسالو

# امير اهل سنت کان خوشبوء جي باري ۾ سوال جواب

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# اميراهل سنت کان خوشبوءِ جي باري ۾ سوا جواب

**دعاءِ جانشينِ عطار:** ياالله پاڪ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”اميراهل سُنت کان خوشبُوءِ جي باري سوال جواب“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان جي ظاهر سان گڏوگڏ باطن کي بہ مُعطر فرماءِ ۽ ان کي بي حساب بخشي ڇڏ. آمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## درود شريف جي فضيلت

اُمُّ المؤمِنين حضرتِ عائشہ صدّيقہ رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا سَحري جي وَقت ڪجھ سبي رهيون هيون، اوچتو هٿ مان سُئي ڪري پئي ۽ چَراغ (Lamp) بہ وسامي ويو. ايتري ۾ رَحمتِ عالم، نورِمجسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تشريف فرما ٿيا. نوراني چهري جي روشني سان سڄو گھر روشن ٿي ويو ايستائين جو سُئي ملي وئي. اُمُّ المؤمِنين رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا عرض ڪيو: يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان جو چهرو ڪيترو روشن آهي. سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايائون: وَيلٌ لِّمَنۡ لَّا يَرَانِي يَومَ الۡقِيامَةِ. يعني ان شخص جي لاءِ هلاڪت آهي جيڪو مون کي قيامت جي ڏينهن نہ ڏسي سگھندو. عرض ڪيو: اهو ڪير آهي جيڪو اوهان کي قيامت جي ڏينهن نہ ڏسي سگھندو. فرمايائون: اهو بَخيل آهي. پڇيو ويو: بَخيل ڪير؟ ارشاد فرمايائون: اَلَّذِي لَا يُصَلِّي عَلَيّ اِذۡ سَمِعَ بِاسۡمِي، جنهن منهنجو نالو ٻڌو ۽ مون تي دُرُودِ پاڪ نہ پڙهيو.

(القول البديع،الباب الثالث في التحذير من ترك الصلاة ـــ الخ، ص٣٠٢)

سوزنِ گمشدہ ملتی ہے تبسم سے ترے
شام کو صبح بناتا ہے اُجالا تیرا

(ذوق نعت، ص 16)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

سوال: نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پسنديده خوشبُوء ڪهڙي هئي؟

جواب: مشڪ جو تذڪرو ملي ٿو ته پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي خوشبُوءِ استعمال فرمائي آهي. (وسائل الوصول الى شامل الرسول، ص 87) جيڪر(اڄڪلهه) ڪو اها خوشبو استعمال ڪرڻ به چاهي ته شايد اصل شيءِ مشڪل سان ملي ڇوته هاڻي ڪيميڪل جي ملاوٽ گهڻي ٿي وئي آهي، هاڻ ته اصل شيءِ جو ملڻ مشڪل ٿي آهي. (اميراهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جي ويجهو ويٺل مفتي صاحب فرمايو:) نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪي خوشبون استعمال ڪندا هئا انهن مان عُود، مُشڪ ۽ زعفران جو ذڪر موجود آهي. (مسلم، ص 953، حديث: 5884، وسائل الوصول ص 87 ابو داود 4/117، حديث: 4210) پڻ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيرت مان هيءُ به ملي ٿو ته ڪين مشڪ ۽ عُود پسند هئي. (السيرة الحلبية ، 3/480) ( ملفوظات امير اہل سنت 5/237)

سوال: ڇا الڪوحل وارا پرفيوم استعمال ڪري سگهون ٿا؟

جواب: الڪوحل وارو پرفيوم استعمال ڪرڻ جي حوالي سان عالمن جو اختلاف آهي. ڪجهه عالم منع ڪن ٿا ته ”هي ناپاڪ آهي ۽ نه لڳائڻ گهرجي. اسان جي ”دارالافتاء اهل سنت“ جو

موقف هي آهي تہ ”الڪوحل وارو پرفيوم پاڪ آهي، ان کي لڳائڻ ۾ حرج ناهي ۽ ان کي لڳائي ڪري نماز پڙهڻ ۾ بہ حرج ناهي.“ (فتاویٰ اہل علت غير مطبوعہ، فتوی نمبر 1 - 4683) باقي جنهن شيءِ ۾ عالمن جو اختلاف هجي ان کان بچڻ بهتر آهي. (فتاوی رضويہ، 3/251) جيڪڏهن ڪو الڪوحل واري پرفيوم کان بچي ٿو تہ سنو عمل آهي، اُن کي برو پلو نہ چيو ويندو. هي تقويٰ آهي. (ملفوظات امير اہل سنت 4/290)

**سوال:** چا ڇوڪريون خوشبُوءِ لڳائي سگهن ٿيون؟

جواب: جيڪا ڇوڪري بالغ آهي ان جي لاءِ بهتر اهو ئي آهي تہ اها گهر جي چارديواري ۾ ”اهڙي خوشبُوءِ لڳائي جنهن جو رنگ تہ پلي ظاهر ٿي پر ان جي خوشبو نہ پکڙجي“[1] ۽ جيڪڏهن خوشبُوءِ پکڙجي ٿي پر نامحرمن تائين نٿي وڃي تہ ان ۾ ڪو حرج ناهي. بهرحال جيڪر بالغ گهر ۾ بہ خوشبُوءِ لڳائي تہ ان کي هن ڳالهہ جو خيال رکڻو آهي تہ اها خوشبُوءِ نامحرم تائين نہ پهچي. (اميراهل سنت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَة جي پرسان وينل مفتي صاحب فرمايو:) ايئن ئي اهي ٻارڙيون بہ خوشبو لڳائڻ ۾ احتياط ڪن جيڪي بالغ ٿيڻ جي ويجهو آهن. (امير اهل سُنت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَة ارشاد فرمايو:) اهڙيون ڇوڪريون جيڪي بلوغت جي ويجهو ناهن هونديون پر سندن ڏگهي قد واريون هونديون آهن ۽ جيڪڏهن هُو خوشبُوءِ لڳائي نڪرنديون تہ مَرد ان جي طرف

[1] (حديث شريف ۾ آهي: مَردن جي خوشبُوءِ اها آهي جنهن ۾ بُوءِ ۽ رنگ نہ هجي ۽ عورتن جي خوشبُوءِ اها آهي جنهن رنگ تہ هجي پر بُوءِ نہ هجي. (ابوداود، 4 / 68، حديث:4048)

رغبت رکندا تہ ايئن انھن کي بہ خوشبُوءِ لڳائي ٻاھر نکرڻ کان بچڻ سنو آھي. (ملفوظات امير اہل سنت، 2/16)

**سوال:** مغرب کان بعد عطر لڳائڻ کيئن؟ پڻ چا چار کان پنج سال جي ٻارن کي عطر لڳائي سگھون ٿا؟

جواب: مغرب کان بعد عطر لڳائي سگھجي ٿو. ڏينھن رات جڏھن بہ چاھيو لڳائي سگھو ٿا ان ۾ کو اھڙو وقت ناھي جنھن ۾ عطر لڳائڻ منع ھجي. چار پنج سال جي عُمر جي ٻارن، بلڪ چار پنج ڏينھن جي ٻارن، ايستائين جو ھڪ ڏينھن جي ٻار کي بہ عطر لڳائي سگھو ٿا. ھي غلط، غلط، ۽ غلط افواہ آھي تہ مغرب کان بعد خوشبُوءِ لڳائڻ سان يا ٻار کي خوشبو لڳائڻ سان جِنّ کٽي ويندا آھن يا چنبڙي ويندا آھن، ايئن بلڪل بہ ناھي. جيڪڏھن ايئن ھجي ھا تہ جِنَّ خوشبوءِ جا سيئي دکان ٻھاري وجن ھا. خبر ناھي انھن کي خوشبوءِ پسند بہ آھي يا نہ؟ ملائڪن کي تہ خوشبوءِ پسند آھي. (حاشية السندى بشرح سن النسائى للسيوطى، 7/61، تحت الحديث: 3939) (امير اھل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جي پرسان وينل مفتي صاحب فرمايو:) مفتي اعظم ھند جي خليفي(مولانا احمد مُقَدّم رضوي نُوري صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه) جو بيان آھي تہ حضُور مفتي اعظم ھِند رَحْمَةُاللهِعَلَيْه فرمائيندا ھيا: بُري ۽ بدبودار شين جي کري جِنّ چنبڙندا آھن، خوشبُوءِ وغيره جي کري جِنّ ناھن چنبڙندا. مغرب کان بعد ٿوري دير جي لاءِ ٻارن

۾ عورتن کي ٻاهر نڪرڻ کان روڪڻ[1] جي هڪ وجهه اها بہ آهي تہ انهن يا تہ اهي دعائون ياد ناهن هونديون جيڪي انهن کي اهڙي مخلوق کان بچائين، ٻيو هيءُ تہ انهن ۾ پاڪائي جو ايترو اهتمام ناهي هوندو جنهن جي ڪري جِنَّ وغيره چنبڙي وڃڻ جو خطرو هوندو آهي. (ملفوظات امير اہل سنت 4/ 289)

سوال: ڪجھ اسلامي ڀائر عين نماز کان پهريان ٻين کي عطر لڳائيندا آهن، اُهو عطر ڪنهن کي ڀانئين پوندو آهي ڪنهن کي نہ، ڪڏهن ڪڏهن عطر جي ڪوالٽي ۾ بہ فرق هوندو آهي هن حوالي سان مدني گل عطا فرمايو.

جواب: هي عمل مشائخ وٽ بہ رهيو آهي، ماٺهو عطر لڳائي رهيا هوندا آهن، ان مان اهو ئي سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ جيڪڏهن ڪنهن کي عطر ڀانئين نہ پئي تہ پاڻ منع ڪري ڇڏي. سيّدي قطب مدينہ، ضياءالدين احمد قادري مدني رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَيۡه وٽ مون ڏٺو تہ ماڻهو عطر لڳائي رهيا آهن. سندن وفات کان بعد جانشين قطب مدينہ حضرت مولانا حافظ فضل الرحمٰن قادري مدني رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه

[1](فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جڏهن رات جو ابتدائي حصو شروع ٿئي يا شام ڏسو تہ پنهنجي ٻارن کي روڪي ڇڏيو، ڇوتہ ان وقت شيطان پکڙجي ويندا آهن. پوءِ جڏهن رات جي هڪ گهڙي گذري وڃي تہ ٻارن کي ڇڏي ڏيو ۽ دروازه بند ڪري ڇڏيو ۽ الله جو نالو وٺو، ڇوتہ شيطان بند دروازو ناهي کوليندو. (بخاري شريف، جلد 2 ص399، حديث:3280) حڪيم الأمت حضرت مفتي احمديارخان نعيمي رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَيۡه فرمائن ٿا: شيطان مان مراد موذي جِنّ ۽ موذي انسان ٻئي آهن. شام جي وقت ٻارن کي اغواء ڪرڻ وارا گهڻو ڦرندا آهن. وڌيڪ فرمائن ٿا: خبر پئي جن ۾ شيطانن جو اثر ٻارن تي وڌيڪ ٿيندو آهي انهيءَ ڪري ٻارن کي نڪرڻ کان روڪيو ويو آهي. (مراۃ المناجی 6/85)

وٽ بہ ماڻھن کي عطر لڳائيندي ڏٺو آھي جنھن مان اھا ئي خبر پئي ٿي تہ ماڻھن جي اڪثريت عطر لڳرائيندي آھي تہ جنھن کي خوشبوءِ پائنيں نہ پوي اھو منع ڪري ڇڏي. (ملفوظات امير اہل سنت 2/432)

**سوال:** ڇا اللہ پاڪ جي ڪنھن وليءِ جي مزار تي چڱي نيت سان خوشبو لڳائي سگھون ٿا؟

جواب: مزار تي لڳائڻ جو حڪم تہ ڪٿي پڙھيو ناھي ۽ نہ ئي مونکي ھن مسئلي بابت علم آھي، البتہ ماڻھن ۾ ھي ڳالھ رائج آھي. مزارن تي عطر وغيره ڇڙڪڻ جي بدران اُن عطر جي رقم مثلاً 100 روپيہ صاحبِ مزار جي ايصالِ ثواب جي نيت سان ڪنھن غريب کي ڏئي ڇڏيو تہ وڏيڪ بھتر ٿيندو، ان غريب جي دلجوئي بہ ٿيندي ۽ صاحبِ مزار جي لاءِ ايصالِ ثواب جو بہ سلسلو ٿي ويندو. اوھان پاڻ غور ڪيو تہ چادر چاڙھڻ يا عطر ڇڙڪڻ ۾ وڏيڪ فائدو ٿيندو يا ھن طرح ايصال ثواب ڪرڻ سان وڏيڪ فائدو ٿيندو. باقي مزار تي چادر چاڙھڻ ۽ گل رکڻ جائز آھي. بھرحال مزار شريف يا ھن جي چادرن تي جيڪو عطر ڇڙڪيو ويندو آھي ان مان صرف گھڙي کن لاءِ خُوشبوءِ ايندي آھي، پوءِ خبر بہ ناھي پوندي تہ ھتي ڪو عطر ڇڙڪيو ويو ھيو چوتہ چادر جي مٿان گلن جو ڍير لڳل ھوندو آھي اڳربتيون الڳ ٻري رھيون ھونديون آھن جنھن سان عطر جي خوشبو محسوس ناھي ٿيندي. ٻيو ھيءُ تہ ھر عطر ايترو پاورفل ھجي جنھن جي خوشبو برقرار رھي ضروري ناھي بلڪ مزارن تي جيڪو عطر وڪامجي رھيو ھوندو آھي ان جي بہ ڪا خاص

ڪوالٽي ناهي هوندي. جيڪڏهن اهو ڪو خاص عطر هجي ته ته مزار جي چادر تي ڇڙڪڻ جي مسئلي بابت مونکي ڄاڻ ناهي جو هن سان تعظيم مقصود هوندي آهي يا ڪو ٻيو معاملو هوندو آهي ۽ هن طرح عطر ڇڙڪڻ سان تعظيم ٿي سگهي ٿي يا نه..؟

## عطر ڇڙڪڻ ۾ احتياط ڪيو

هڪ ڀيري جلوسِ ميلاد جي موقعي تي ڪنهن مون تي عطر ڇڙڪيو جيڪو اڏامي ڪري منهنجي اکين ۾ اچي پيو، ان کان بعد بقيه جلوس ۾ مون تي ڇا گذري هوندي هي هرسمجهدار انسان سمجهي سگهي ٿو. خدا ڄاڻي ان منهنجي تعظيم خاطر ايئن ڪيو هيو يا ڪا ٻي نيت هئي، نه ڄاڻ اهو ڪهڙو ثواب ڪٽي ويو هوندو. اهڙا ماڻهو ”ڇڙڪو“هوندا آهن، انهن جي پارٽي سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روضهءِ انور جي ڄارين وٽ موجود زائرين تي به اِسپري ڪندي آهي، مون پاڻ انهن کي ايئن ڪندي ڏٺو آهي. انهن کي ايترو به خيال ناهي ٿيندو ته ڪو مٿو جهڪائي اکيون بند ڪري بيٺو آهي يا تَصَوُّر ۾ ڪٿي پهتل آهي ۽ ان”ڇڙڪُو پارٽي“ جا ماڻهو اچي هن تي اِسپري ڪري ڇڏيندا آهن، اهو زيارت ڪندڙ ڪٿي پهتو به هوندو ته واپس اچي ويندو ۽ ماڻهو سمجهندا هوندا ته شايد اسان روضي انور جي زيارت ڪندڙ کي مُعطّر ڪري ڪو وڏو ڪمال ڪيو آهي.

## عطر لڳائڻ ۾ ٻين جو لحاظ ڪيو

منهنجو ذاتي تجربو آهي تہ ڪي خوشبون ڪجھ ماڻهن کي پانئين ناهين پونديون، هزار قسم جون خوشبون هونديون آهن، ڪي خوشبون ڪجھ ماڻهن جي لاءِ اِلرجي جو سبب بڻجنديون آهن جو هُو سونگهندي ئي نچ ڏيڻ لڳندا آهن، جيئن ئي اها خوشبُوءِ ان جي مٿي تائين پهچندي آهي ان جي مٿي ۾ بہ سور ٿيڻ لڳندو آهي اهو ويچارو مٿو پڪڙي ويهي رهندو آهي. خوشبوءِ لڳائڻ وارو پنهنجي گُمان ۾ سمجهندو آهي تہ مون انهن کي مُعطر ڪري ڇڏيو پر هُو ويچارا آزمائش ۾ اچي ويندا آهن. انهيءَ ڪري اسان وٽ عطر ماڻهن جي هٿ ۾ لڳائڻ جو رواج آهي پر پوءِ بہ سامهون واري کان پڇي ڪري عطر لڳايو وڃي. ڪيميڪل واري خوشبوءِ بہ هوندي آهي جيڪا هٿ تي لڳائي وڃي تہ ڪل جا وار اڏائي ڇڏيندي آهي. هن کان علاوه هي بہ ڏٺو ويو آهي تہ ماڻهو مسجد جي دري تي عطر جي شيشي ڇڙڪي ڇڏيندا آهن جنهن جي ڪري مسجد جي دري تي ڏاڳ لڳي ويندا آهن ۽ ان تي مير جمي ويندي آهي. ايئن عارضي خوشبو جي هڪار اچي بہ تہ نتيجو اهو نڪرندو آهي تہ چٽائي خراب ٿي ويندي آهي تہ اهو مسجد کي فائدو ٿيڻ بدران نقصان ٿيو. (ملفوظات امیر اہل سنت، 2/19)

**سوال:** خوشبُوء جي لاءِ گلاب جو پاڻي ڇڙڪڻ ڪيئن؟

جواب: خوشبو حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪجھ ماڻهو گلاب جو پاڻي ڇٽيندا آهن، مون کي هنن کان اختلاف آهي ڇوتہ هي تجربي

جي ڳالھ آهي تہ محفلن ۾ گلاب جو پاڻي ڇڙڪڻ وارا ڪڏهن ڪڏهن چهري تي پاڻي ڇڙڪيندا آهن جنهن سان ماڻهن کي راحت نہ، بلڪ تڪليف ٿيندي آهي. اهو ڪم ڪيو وڃي جنهن سان ڪنهن مسلمان کي تڪليف نہ ٿي ايستائين جو جيڪڏهن هڪ هزار(1000) افراد کي اوهان جي خوشبُوءِ سان راحت ملي رهي آهي ۽ هڪ چئي ٿو تہ مون کي تڪليف ٿي رهي آهي تہ ان کي اهو نہ چيو ويندو تہ توهان هتان کان هليا وڃو ڇوتہ سيني کي فائدو ٿئي ٿو ۽ صرف توکي تڪليف پهچي ٿي بلڪ جيڪڏهن نو سؤنوانوي(999) ماڻهن کي فائدو پڄائڻ سان هڪ کي تڪليف ٿئي ٿي تہ پوءِ ان هڪ کي تڪليف کان بچائڻ جي لاءِ انهيءَ جي رعايت ڪنداسين ۽ بقيہ سيني کي هن معمولي راحت کان محروم ڪرڻو پوندو. ڏسو! انسان ڏينهن رات خوشبو ۾ لتڙيل تہ ناهي هوندو جو خوشبُوءِ جي بغير رهي نہ سگهندو ۽ هاڻي ان کي جيڪا مفت جي خوشبُوءِ اچي رهي آهي ان کي اچڻ ڏنو وڃي، ڀلي ٻئي مسلمان کي ان کان تڪليف ٿي رهي هجي. ياد رکو! مسلمان کي تڪليف ڏيڻ جا بہ شرعي احڪام آهن ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي واقعي اَذيت پڄائي وئي هجي تہ ان جو حڪم گناھ ڪبيره تي سگهي ٿو.

## عطر لڳائڻ وقت پاڻ جيان ٻين جو بہ خيال ڪيو

جڏهن انسان پاڻ کي عطر لڳائيندو آهي تہ هٿ تي ٿوري عطر لڳائيندو آهي، پنهنجي ڪپڙن جو بہ خيال رکندو آهي ۽ جيڪڏهن سفيد ڪپڙا هجن تہ اهو بہ ڏسندو آهي تہ عطر لڳائڻ

سان ان تي داغ تہ ناهي لڳو ايستائين جو داغ کان بچڻ جي لاءِ بي داغ عطر استعمال ڪندو آهي. جڏهن عطر استعمال ڪندي وقت پنهنجي لاءِ ايترا احتياط ڪيا ويندا آهن تہ پوءِ عوام جو خيال ڇو نٿو رکيو وڃي؟ انهيءَ طرح مون ڪنهن کي پنهنجي مٿان عطر جي سڄي شيشي ڇڙڪيندي ناهي ڏٺو تہ پوءِ ٻين تي ڇو ڇڙڪي ويندي آهي.؟ (ملفوظات امير اہل سنت ، 2/22)

**سوال:** جمعي ۽ عيدن جي موقعي تي مسجدن ۾ ڪجھ ماڻھو خوشبو ڇڙڪيندا آهن ۽ جتان گذرندا آهن ماڻھو انهن کي رقم ڏيندا آهن، ڪو 10 روپيہ ڏيندو آهي تہ ڪو 20 روپيہ تہ ڪو 50 روپيہ ڏيندو آهي هن جو شرعي حڪم ڇا آهي؟

جواب: هي نئين ڳالھ بڻي آهي تہ ائين بہ ڪو ٿي رهيو آهي. بهرحال خوشبو لڳائڻ وارو رقم وٺي يا نہ وٺي، هن طرح سيني تي خوشبو ڇڙڪڻ درست ناهي ڇوتہ ٿي سگھي ٿو ڪنهن کي هن سان الرجي هجي ۽ هُو ان سان تڪليف محسوس ڪري، ٻيو تہ هن طرح ڇڙڪڻ سان پرفيوم جو قطرو ڪنهن جي اک ۾ هليو ويو تہ اهو آزمائش ۾ اچي ويندو. رهي ڳالھ رقم ڏيڻ جي تہ جيڪڏهن ڪو سندس مطالبي جي بغير پنهنجي خوشي سان رقم ڏي ٿو تہ ڪو حرج ناهي ۽ جيڪڏهن هي طئي آهي تہ خوشبو ڇڙڪڻ واري کي رقم ڏيڻي پوندي، نہ ڏيڻ تي برو پلو چوندو تہ هي صحيح ناهي ۽ طعنن مهڻن سان بچڻ جي لاءِ ڪجھ رقم ڏني تہ هي رشوت ٿيندي، هن ۾ جيتوڻيڪ ڏيڻ وارو تہ گنهگار نہ ٿيندو جو ان شر کان بچڻ جي لاءِ رشوت ڏني

آهي پر ونڻ وارو ضرور گنهگار ٿيندو. هي خوشبو ڇڙڪڻ جو رواج ختم ٿيڻ گهرجي. ياد رکو! ڪنهن بہ اجتماعِ ذڪر و نعت يا جلوسن ۾ هن طرح خوشبُوءِ ڇڙڪڻ ماڻهن جي تڪليف جو سبب ٿيندو آهي. ٿي سگهي ٿو جيڪي ايئن ڪن ٿا اهي هن کي ثواب سمجهندا هجن.

حالانڪ هوا ۾ ڇڙڪاءُ ڪرڻ الڳ آهي ۽ ڪنهن ماڻهو تي ڇڙڪڻ الڳ آهي، پر جڏهن هوا ۾ ڇڙڪيو تہ ان وقت اهو ئي خيال رکو تہ ماڻهن تي اچي نہ ڪري. بهرحال بهتر اهو ئي آهي تہ هن ڪان علاوه بہ ڪوڙ ڪرڻ وارا ڪم آهن اهي ڪيا وڃن، نہ تہ نہ ڪرڻ وارن ڪمن ۾ پئجي ويندؤ. (ملفوظات امير اہل سنت، 2/ 431)

**سوال:** اڪثر Customer (گراهڪ) پڇندا آهن تہ هي خوشبوء ڪيتري دير تائين رهندي آهي؟ تہ هي چوڻ ڪيئڻ ”10 يا 12 ڪلاڪ رهندي آهي.“

جواب: ڪجھ ماڻهو خوشبوء جي باري ۾ ايترو بہ مبالغو ڪندا آهن تہ ”**ڪپڙا ڌوئيندؤ تڏهن بہ خوشبو ڪانہ ويندي.**“ بهرحال! جيڪڏهن Confrim (يقيني) خبر هجي تہ هن جي خوشبوءِ هيتري تائين رهندي تہ پوءِ ٻڌايو. مان هن فيلڊ ڪان گهڻو وابستہ رهيو آهيان. دراصل خوشبُوءِ جو Fix timing (مقرر وقت) ٻڌائڻ مشڪل هوندو آهي، چوتہ گرمي ۾ اُس جي ڪري خُوشبوءِ جلدي اڏامي ويندي آهي، جڏهن تہ سردي ۾ چوتہ اُس ۾ تيزي گهٽ هوندي آهي، انهيءَ ڪري خوشبو گهٽ اڏامندي آهي. جيڪڏهن خوشبوءِ کي چُلهي تي رکي ڇڏيو تہ معلوم ٿي ويندو

تہ ان جو نالو ڇا آهي؟ ڇوتہ خوشبوءِ سڙڻ سان اڏامندي. عام طور تي خوشبون اڏامي وينديون آهن، ڇوتہ ان ۾ Lasting يعني بيهڪ گهٽ هوندي آهي. البتہ ڪجھ خوشبون اهڙيون هونديون آهن جن ۾ Lasting يعني بيهڪ وڌيڪ هوندي آهي، انهن مان هڪ ”صندل“ بہ آهي. ڪجھ خوشبوئن ۾ صندل ملائي ويندي آهي، تہ جيئن انهن جي Lasting وڌي، جيئن گلاب ۾ Lasting نهايت گهٽ هوندي آهي، تمام جلد اڏامي ويندي آهي، انهي ڪري هن ۾ صندل ملائي ڪجھ دير جي لاءِ رکي ويندي آهي، تہ جيئن هي ٻئي هڪٻئي ۾ جذب ٿي وڃن. پوءِ هن جي Lasting وڌي ويندي آهي. ڪجھ خوشبون زمين ۾ دفنايون وينديون آهن، انهي طرح ڪجھ خوشبوئن کي ملائي ڪري انهن جو جذب ٿيل ۽ Compound (مجموعو) بڻايو ويندو آهي ۽ ان کي ڪجھ ڏينهن جي لاءِ رکيو ويندو آهي، تڏهن وڃي اهي تيار ۽ استعمال جي قابل ٿينديون آهن.

هاڻي تہ تقريباً خوشبون ڪيميڪل مان تيار ٿين ٿيون. اصلي خوشبون هاڻي اڻ لڀ ٿي ويون آهن، جيڪڏهن ڪو چئي بہ تہ ”**هي اصلي خوشبو آهي**“ تہ اعتماد نہ ٿيندو. الله بهتر ڄاڻي. ڪجھ خوشبون وڪڻڻ وارا لکي ڇڏيندا آهن تہ ”هي Super Quality (يعني عمده معيار) جي آهي“ حالانڪ ان خوشُبوءِ جي ڪا قيمت ناهي هوندي اها بيڪار خوشبو هوندي آهي. هي ماڻهو بس ڊاڙيون هڻندا آهن. هر شخص کي Super Quality مطلب جي بہ خبر ناهي هوندي. نہ ڄاڻ هي ايئن ڇو لکندا آهن!

ايئن هي پنهنجي آخرت داءُ تي لڳائي رهيا هوندا آهن ۽ هن لکيل کي قيامت جي لاءِ پنهنجي خلاف گواهه بڻائي رهيا هوندا آهن. جيکي Super Quality لکندا آهن اهي پنهنجيSuper تي غور ڪن ته جيڪڏهن اها خوشبو بيڪار آهي ته Super لکڻ ڪوڙ ٿيندو، چوته اوهان ڌوکو ڏيڻ جي لاءِ Super لکيو آهي. پوءِ ڪجهه ماڻهو پنهنجي خوشبوئن تي طرح طرح جا نالا به رکي ڇڏيندا آهن، ايئن نه ڪرڻ گهرجي. جهڙي به شي هجي، مٽي هجي يا سون هجي، اوهان ٻڌايو. جيڪڏهن پڇي ته ”ڪيتري دير تائين خوشبو رهندي“؟ ته جيڪڏهن اوهان کي يقيني خبر آهي يا ذاتي تجربو آهي ته ٻڌايو ”منهنجو اندازو آهي ته هيترا ڪلاڪ خوشبو رهندي.“ ڪڏهن ڪڏهن ڪمپني بدلجڻ سان خوشبو جي Quality بدلجي ويندي آهي. ايئن به ٿيندو آهي ته اوهان هڪ پيرو ڪو Compound يعني مجموعو ناهيو، انهي فارمولي سان جڏهن اوهان ٻيهر Compound ناهيندؤ ته ڪجهه نه ڪجهه فرق پوندو. (ملفوظات امير اہل سنت 4/333)

سوال: گهڻا ماڻهو چوندا آهن ته روزي جي حالت ۾ خوشبوءِ نٿا لڳائي سگهون، هن جي باري ۾ رهنمائي ڪندا.
جواب: گهڻا ماڻهو ته هي ڳالهه ناهن چوندا، ڪو ڪو چوندو آهي! بهرحال روزي جي حالت ۾ خوشبوءِ لڳائڻ ۾ ڪو حرج ناهي. (فتاوی اسجد يہ 1/398 ) ملفوظات امير اہل سنت 4/384)

سوال: عطر ڪپائينڊز عطر چيڪ ڪرائڻ جي لاءِ عطر جي شيشي مان ڪيئي ماڻهن جي هٿن تي عطر هڻندا آهن ته اهڙي طرح هن مان ڪجهه عطر گهٽ به ٿي ويندو آهي ته ڇا اهڙي

طرح توري گهٽ وزن واري شيشي کي پورو وزن ٻڌائي وڪڻڻ صحيح آهي؟

جواب: هن طرح جو عرف تہ آهي تہ عطر کپائڻ وارا وزن ٻڌائي ڪري ناهن وڪڻندا بلڪ هن طرح وڪڻندا آهن تہ هي بوتل هيتري جي آهي پر وزن جو چئي ڪري بہ عطر وڪڻندا آهن مثلاً پهريان "تولي" جي حساب سان عطر وڪامجندو هيو تہ اڌ تولو آهي پر هاڻي گرام جي حساب سان وڪامجندو هوندو مثلاً هي پنج گرام جي بوتل هيتري جي آهي حالانڪ هن مان هڪ گرام نڪتل هوندو آهي، انهيءَ طرح بوتلن ۾ بہ مسئلا هوندا آهن جو ڪجھ بوتلن جا ترا ٿلها هوندا آهن جنهن جي ڪري ان مان عطر گهٽ ٿي ويندو آهي انهيءَ ڪري وزن جي بدران هي چئي ڪري عطر وڪڻڻ ۾ عافيت آهي تہ هي شيشي هيتري جي آهي. (مخلوقات امير اہل سنت 2 /427)

## عطار ڪيئن بڻيا؟

**سوال:** اوهان کي عطار چو چيو ويندو آهي پڻ اوهان عطر جو ڪم ڪيئن شروع ڪيو؟ [1]

جواب: هن جي هڪ وجھ هي آهي تہ مان اڳي عطر کپائيندو هيس ۽ مون هي سمجهيو تہ عطر کپائڻ واري کي عطار چوندا آهن انهيءَ ڪري مون پنهنجو تخلص عطار رکي ڇڏيو. هي ان دور جي ڳالھ آهي جڏهن دعوت اسلامي جو وجود بہ نہ هيو، بعد ۾ خبر پئي تہ

---

[1] (هن سوال جو ٻيو حصو شعبہ اميراهل سنت جي طرفان قائم ڪيو ويو آهي جڏهن تہ جواب اميراهلسنت جو ئي عطا ڪيل آهي)

ديسي دوائون وڪڻڻ واري پنساري کي عطار چيو ويندو آهي. ان کان علاوه مون تذکرة الاولياء جي مصنف ”شيخ فريد الدين عطّار“ جو نالو پڙهيو تہ اهو مون کي پسند اچي ويو انهيءَ ڪري الله جي هڪ وليء جي نسبت سان يا اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جي تذڪره نگاري جي نسبت سان مون هي تَخلص اپنائي ورتو.

هاڻ مون کي خبر ملي آهي تہ عرب دنيا ۾ هڪ وڏي فيملي آهي جنهن جو سَرنيم (Surmane) عطّار آهي. (سلسلہ: دلوں کی راحت 26 شعبان المعظم 1441ھ مطابق 19 اپریل 2020 امیر اہل سنت کی کہانی انہی کی زبانی قسط 17)

## عطر جو ڪاروبار

عطر جي ڪاروبار جي صورت ڪجهہ ايئن بڻي جو جنهن وقت مان نور مسجد ۾ امامت ڪندو هيس تہ مون غوثِ اعظم رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جي بارگاهہ ۾ هن سلام جا يارهن شعر عرض ڪيا:

سلطان اولیاء کو ہمارا سلام ہو    جیلاں کے پیشوا کو ہمارا سلام ہو

پوءِ ڪنهن طرح مون ٿيهہ روپيہ جمع ڪري فريم ۾ لڳائڻ وارا هڪ هزار پرچا ڇپرائي مفت ۾ تقسيم ڪيا ۽ ان تي نور مسجد جي ايڊريس بہ لکي ڇڏي تہ هتان کان مفت ۾ حاصل ڪيو. هڪ ڏينهن پري کان هڪ ڪلين شِيّو نوجوان ايڊريس پڙهي ڪري مون وٽ آيو ۽ مون کان اهو پرچو گهريو. مان الحمدلله شروع کان ئي ملنسار هيس ۽ منهنجي عادت هئي تہ ڪوبہ ايندو هيو تہ ان سان محبت، ملنساري ۽ حسنِ اخلاق سان پيش ايندو هيس لهٰذا ان کي پنهنجي حجري ۾ ويهاريم. منهنجو حجرو تقريباً هڪ ڪٺ جيترو ننڍو ڪمرو هيو جيڪو

مونکي مسجد جي طرفان مليل هيو، ان وقت اهو ئي ڪمرو منهنجي ڪُل ڪائنات هيو. انهي ۾ منهنجا ڪتاب رکيل هيا ۽ مان پنهنجا ڪپڙا ڌوئي ڪري اُتي ئي رسي ٻڌي سڪائيندو هيس. جڏهن هن نوجوان ڪان منهنجي ڳالهه ٻولهه ٿي ته ان ٻڌايو ته منهنجي عطر جي هول سيل دڪان آهي. ان عطر جي هڪ وڏي شيشي خوش ٿي مون کي تحفي ۾ ڏني جيڪا هُو پاڻ سان گڏ کڻي آيو هيو.

عطر جي دڪان جو ٻڌي ڪري منهنجي وات ۾ پاڻي اچي ويو ته هي ته عطر وارو آهي ۽ مون کي هونئن به عطر لڳائڻ جو گهڻو شوق آهي. جڏهن مون ان کي ٻڌايو ته مون کي عطر جو شوق آهي ته ان مون کي پنهنجي دڪان جي ايڊريس ڏني. اهو نوجوان ميمڻ هيو ۽ غوث پاڪ کان بيحد عقيدت رکندو هيو. جڏهن مون ان جي دڪان تي اچي ان کان عطر خريديو ته خبر پئي ته هول سيل ۾ عطر نهايت سستو ملي ٿو چوته مان روپئي ٻه روپئي ۾ ننڍي شيشي وٺندو هيس پر ان ايتري ۾ وڏي شيشي ڏئي ڇڏي هئي. جيئن ته مان ان کان هول سيل تي عطر وٺندو هيس ۽ خالي بوتلن ۾ ڀري ڪپائيندو هيس، ان ڏينهن ۾ ”مجموعو“ نهايت شوق سان لڳائيندو هيس. پوءِ موتيو، گلاب، چنبيلي ۽ مختلف ورائٽي جا عطر به خريد ڪرڻ شروع ڪيا ۽ هڪ بيگ ۾ وجهي واڪ ڏئي ڪپائڻ لڳس. الحمدﷲ مون کي هاڻي به عطر بابت گهڻو تجربو آهي. (سلسلہ: امیر اہل سنت کی کہانی انہی کی زبانی قسط :17۔ مدنی مذاکرہ نمبر: 171)

**”اميراهل سنت** دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ **کان ڪيل سوال ۽ ان جا جواب هتي ختم ٿيا“**


# خوشبوءِ جون سنتون ۽ آداب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اچو! خوشبو جون سنتون ۽ آداب بابت ڪجھ مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا. پهريان هڪ فرمان مصطفي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظ ڪريو: (2)فرمايائون: چار شيون نبين جي سُنّت ۾ داخل آهن: نڪاح، مسواڪ، حياء ۽ خوشبو لڳائڻ. (مشكاة، كتاب الطہارة،باب السواک،۱/۸۸، حديث:۳۸۲) ☆ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ خوشبو جو تحفو نہ موٽائيندا هئا. (سنتيں اور آداب ،ص۸۵) ☆ نمازِ جمعہ جي لاءِ خوشبو لڳائڻ مستحب آهي. (بہار شريعت ۱/۷۷۴،حصہ ۴ملخصاً) ☆ نماز ۾ ربّ سان مُناجات آهي تہ ان جي لاءِ زينت ڪرڻ عطر لڳائڻ مُستَحب آهي. (نيکی کی دعوت ،ص۲۰۷) ☆ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هميشہ عمده خوشبو استعمال ڪندا هئا ۽ ان جي ٻين کی بہ تلقين ڪندا هئا. (سنتيں اور آداب ،ص۸۳) ☆ ناخوشگوار بو يعنی بدبو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ناپسند ڪندا هئا. (سنتيں اور آداب ،ص۸۳) ☆ مَردن ڪي پنهنجي لباس تي اهڙي خوشبو استعمال ڪرڻ گهرجي جنهن جي خوشبو ڦهلجی پر رنگ جا نشان وغيره نظر نہ اچن. (سنتيں اور آداب ،ص۸۵) ☆ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ عادت هئی تہ سر اقدس جي مبارڪ وارن ۽ ڏاڙهی مبارڪ ۾ ”مشڪ“ لڳائيندا هئا. (سنتيں اور آداب ،ص۸۳) ☆ ائيرفريشنر جي استعمال کان بچڻ گهرجي.

(سنتيں اور آداب ،ص۸۴)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايندڙ هفتي جو رسالو




عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي
UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213
Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net